سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# مهمانن جا
# 3 حق

14 آگسٽ 2025



# سڪڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سڪڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **مهمانن جا 3 حق** جي متعلق ٻڌايو ويندو ۽ **ڪُڪُڙَ جي آذان ٻڌِي پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

# دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو آهي اللّٰه پاڪ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ قيراط اُحد جبل جيترو آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# مهمانن جا 3 حق

## آيت مبارڪ

قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيو آهي تہ هڪ ڀيري ڪجھ فرشتا انساني صورت ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وٽِ تشريف ڪٽي آيا، پاڻ انهن کي مهمان سمجهيائون ۽ سندن مهمان نوازي ۾ جلدي فرمايائون، ارشاد ٿئي ٿو:

فَرَاغَ اِلٰۤى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ﴿۲۶﴾

(پارو: **26**، سورة الذّاريٰت: **26**)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ابراهيم پنهنجي گهر وارن جي طرف ويا تہ هڪ ٿلهو متارو گابو آندائين.

---

1 ...مصنف عبد الرزاق، كتاب الطهارة، باب ما يذهب الوضوء من الخطايا، جلد:1، صفحه:40، حديث:153۔

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: ان مان معلوم ٿيو ته مهمان جي خاطر تواضع ڪرڻ (يعني خدمت چاڪِري ڪرڻ) سنت آهي، توڙي جو مهمان سان واقفيت نه هجي. (1)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جنهن ۞ نماز قائم ڪئي ۞ زڪوات ادا ڪئي ۞ حج ڪيو ۞ رمضان جا روزا رکيا ۽ ۞ مهمان جي **مهمان نوازي** ڪئي اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. (2)

## مهمانن جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو شخص اسان سان ملڻ جي لاءِ ڪنهن ٻئي شهر مان اچي، اهو مهمان آهي. پر جيڪو پنهنجي محلي يا شهر مان اسان سان ملڻ جي نيت سان ٿوري وقت لاءِ اچي، اهو مهمان نه، پر ملاقاتي آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجي ڪنهن ڪم جي لاءِ اچي، مثال طور: ۞ ڪو پنهنجي ڪنهن مسئلي بابت صلاح وٺڻ لاءِ اچي ۞ يا ڪنهن عالم دين وٽ فتويٰ پڇڻ جي لاءِ اچي، اهو مهمان نه آهي. (3)

اسلام اسان کي مهمانن جا حق ادا ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. اچو ته مهمانن جي ڪجهه حقن بابت سکون ٿا:

### پهريون حق: مهمانن جو اِڪرام (يعني عزت ڪرڻ):

**وضاحت :** مثال طور: مهمانن جو استقبال ڪرڻ، ساڻن گرمجوشي سان (يعني کِلندڙ چهري ۽ مسڪراهٽ سان) ملڻ، پنهنجي وس آهر سٺن ۽ بهترين کاڌن جو انتظام ڪرڻ، ڪشادهه دِلي جو مظاهرو ڪرڻ ۽ انهن سان سٺي انداز ۾ گفتگو ڪرڻ وغيره. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جيڪو

---

1...نور العرفان، پاره:26، سورهٔ نساء، تحت الآيت:26۔
2...شعب الایمان، باب فی اکرام الضيف، جلد:7، صفحه:93، حديث:9593۔
3...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:54، ملخصًا۔

الله ۽ آخرت تي (مڪمل) ايمان رکي ٿو، اهو مهمان جو اڪرام ڪري.[(1)]

## ٻيون حق: مهمان نوازي ڪرڻ

**وضاحت:** مهمانن جي خاطر تواضع (خدمت چاڪِري) ڪرڻ **مهمان نوازي** آهي. ميزبان کي گهرجي ته مهمان جي خدمت ۾ پاڻ مشغول رهي ۽ اهو ڪم نوڪرن يا ٻين جي حوالي نه ڪري، ڇو ته اها حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت آهي.[(2)] پهرين ڏينهن مهمان جي لاءِ خوب سٺن سٺن کاڌن جو انتظام ڪيو وڃي، ٻئي ڏينهن جيڪو آسانيءَ سان ميسر هجي، سو پيش ڪيو وڃي. مهماني ٽي ڏينهن آهي.[(3)] ان کان پوءِ جيڪو مهمان کي پيش ڪيو ويندو، اهو صدقو آهي.[(4)]

## ٽيون حق: موڪلائڻ وقت دروازي تائين گڏ وڃڻ

**وضاحت:** يعني مهمان کي عزت ۽ احترام سان رخصت ڪيو وڃي، سندس سامان پيڪ ڪرڻ، ڪٽائڻ ۽ ڪيس اسٽيشن يا بس اسٽاپ تائين پهچائڻ ۾ ۾ مدد ڪئي وڃي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: "سنت هيءَ آهي ته ماڻهو پنهنجي مهمان سان دروازي تائين گڏ وڃي.[(5)]

## دهرائي

**اڄ اسان مهمانن جا 3 حق سکيا آهن، ذهن نشين ڪري وٺو!**

**(1):** مهمان جو اِڪرام يعني عزت ڪرڻ **(2):** مهمان نوازي يعني خاطر تواضع ڪرڻ **(3):** موڪلائڻ وقت دروازي تائين گڏ وڃڻ

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

## ڪُڪُڙَ جي آذان ٻُڌِي پڙهڻ واري دعا:

---

1...بخاري، ڪتاب الادب، باب اکرام الضيف، صفحہ:1522، حديث:6135-
2...بہارِ شريعت، جلد:3، حصہ:3، صفحہ:394-
3...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:52، ملخصًا-
4... فيض القدير، جلد:4، صفحہ:342، تحت الحديث:5236-
5...ابن ماجہ، کتاب الاطعمہ، باب الضيافة، صفحہ:545، حديث:3358-

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡۤ اَسۡئَلُكَ مِنۡ فَضۡلِكَ

**ترجمو:** اي اللہ مان توکان تنهنجي فضل جو سوال کريان ٿو. (1)

ڪُڪُڙُ رحمت جي فرشتي کي ڏسي بانگ ڏيندو آهي، ان وقت گهري وڃڻ واري دعا تي فرشتي جي آمين چوڻ جي اميد آهي. (2)

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَةُ الۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوۡرَةُ الۡاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنزالايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نَظرِ کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مکتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** آذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي نماز جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي

1...مدنی پنج سورہ، صفحہ:210۔
2...مرآۃ المناجیح، جلد:4، صفحہ:32۔

صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قبليه سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلٰوة الّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليه پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** بين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال ته نه ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهه نه ڪجهه وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي ته نه ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ ته نه ڳالهايا جن جي تائيد دل نه ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجهه نه ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان بسم اللہ پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشـــاري ســـان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڑهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟